سمجھاڻي: هن بيت ۾ شاعر غلام محمد ”غازي“ چوي ٿو تہ ٿر تي مينھن وسڻ جي ڪري هر طرف ساوڪ ئي ساوڪ ٿي پئي آهي ۽ ڪوئل بہ خوشيءَ مان ڪوڪون ٿي ڪري.

بيت:

وڻن واھ دل کي سنڌوءَ جا ڪنارا
وڻن ٿا اسان کي وطن جا نظارا

سمجھاڻي: هن بيت ۾ شاعر غلام محمد ”غازي“ چوي ٿو تہ اسان کي سنڌو درياءَ جا ڪنارا تمام پيارا ٿا لڳن ۽ اسان کي وطن جا سيئي نظارا پيارا ٿا لڳن.

بيت:

محبت اخوت سان هتڙي رهون ٿا
اسين قرب وارا نہ نفرت ڪيون ٿا

سمجھاڻي: هن بيت ۾ شاعر غلام محمد ”غازي“ چوي ٿو تہ اسين سڀ پاڻ ۾ محبت ۽ ڀائپيءَ سان رهون ٿا ۽ ڪنھن سان بہ نفرت نہ ٿا ڪريون.

بيت:

ٿيون ٿا اسان هڪ ٻئي جا سهارا
وڻن ٿا اسان کي وطن جا نظارا

سمجھاڻي: هن بيت ۾ شاعر غلام محمد ”غازي“ چوي ٿو تہ اسان هڪ ٻئي جا سهارا ٿيندا آهيون ۽ اسان کي وطن جا سيئي نظارا پيارا ٿا لڳن.

بيت:

اسين باغبان آهيون پنھنجي چمن جا
ڏسو رنگ سھڻا هي سوسن سمن جا

سمجهاڻي: هن بيت ۾ شاعر غلام محمد ”غازي“ چوي ٿو تہ اسان پنهنجي هن باغ يعني ملڪ جا محافظ آهيون ۽ ڪيڏا سهڻا رنگن وارا گل آهن اسان جي وطن ۾.

بيت:

وطن چنڊ آهي اسين سڀ ستارا
وڻن ٿا اسان کي وطن جا نظارا

سمجهاڻي: هن بيت ۾ شاعر غلام محمد ”غازي“ چوي ٿو تہ اسان جو وطن چنڊ آهي ۽ اسان سڀ ستارا آهيون ۽ اسان کي وطن جا سيئي نظارا پيارا ٿا لڳن.

## مشق

### ا هيٺين سوالن جا جواب لکو.

1. ٽر ٽي ڇا سان ساوڪ ٽيندي آهي؟

ج. ٽر ٽي مينهن سان ساوڪ ٽيندي آهي.

2. دل کي ڇا جا نظارا وڻن ٿا؟

ج. دل کي سنڌؤ جي ڪناري جا نظارا وڻن ٿا.

3. ”اسين باغبان آهيون پنهنجي چمن جا“ مان شاعر جو مطلب ڇا آهي؟

ج. شاعر جو مطلب اِهو آهي تہ: اسين پنهنجي وطن جا مالهي آهيون يعني پنهنجي وطن کي ٺاهيندڙ آهيون.

### ج لفظن جي معنيٰ لکوءِ جملن ۾ ڪم آڻيو.

| لفظ | معنيٰ |
|---|---|
| نظارا | ڏيک |
| جملو | قدرت جا نظارا تمام وڻندڙ آهن. |

| | |
|---|---|
| اخوت | ڀائپي |
| جملو | حضور اَڪرم ﷺ جن اُخوت ۽ محبت سان رهڻ لاءِ چيو آهي. |
| باغبان | مالهي |
| جملو | اَسان پنهنجي وطن جا باغبان آهيون. |
| سهارا | آسرا |
| جملو | اَسان ڪي هن دنيا ۾ اَلله ڪان پوءِ هڪٻئي جا سهارا آهن. |
| قرب | پيار |
| جملو | اَسان سيني کي قرب سان رهڻ گهرجي. |
| وطن | ديس |
| جملو | اَسين پنهنجي وطن سان محبت ڪريون ٿا. |

## د هيٺ ڏنل بند مڪمل ڪريو.

1. هي ڌرتي ٻه ___پياري___ ۽ ماڻهو ٻه پيارا
وڻن ٿا اسان کي ___وطن___ جا نظارا

2. ونا مينهن ٽر تي ٿي ___ساوڪ___ وئي آ
ٻڌو ڪوڪ ڪوئل ___وڻن___ مان ڪئي آ

## ر واحد لفظن جا جمع ۽ جمع لفظن جا واحد لفظ لکو.

| واحد | جمع | واحد | جمع |
|---|---|---|---|
| پيارو | پيارا | سهارو | سهارا |
| واڍو | واڍا | اجارو | اُجارا |
| ڪنارو | ڪنارا | نظارو | نظارا |

سبق 16

# تربيلا ڊئم



## ڏکين لفظن جي معنيٰ

| لفظ | معنيٰ | لفظ | معنيٰ |
|---|---|---|---|
| معيشت | آمدني | مدد | سهڪار |
| کوٽ | گهٽتائي | ذخيرو | گڏ ڪيل |
| تعمير | ٺاهڻ | گنجائش | جڳهه ڪيڻ |
| معاهدو | تحريري واعدو | صنعت | هنر، پيشو |
| مالهي | باغبان | | |

## خلاصو

هن ڪائنات ۾ الله تعاليٰ هر زنده شيءِ کي پاڻيءَ مان پيدا ڪيو آهي، تنهن ڪري انساني زندگيءَ ۾ پاڻيءَ کي انتهائي بنيادي حيثيت حاصل آهي. پاڻي نه رڳو پيئڻ، ڪارخانن هلائڻ، بجلي پيدا ڪرڻ جي ڪم اچي ٿو، پر پوک لاءِ پڻ تمام گهڻي مقدار ۾ ڪم اچي ٿو جيئن ته اسان جو ملڪ هڪ زرعي ملڪ

آهي، ان ڪري پاڻيءَ جي کوٽ ختم ڪرڻ لاءِ آبپاشيءَ جا جديد طريقا اختيار ڪيا وڃن ٿا. ڊئم تعمير ڪرڻ بہ هڪ جديد طريقو آهي. ڊئمن ذريعي پاڻيءَ جو تمام گهڻو ذخيرو ڪيو ويندو آهي ۽ ان جي جمع ٿيل پاڻيءَ مان بجلي پڻ ناهي ويندي آهي، جنهن ڪي پن بجلي چئبو آهي.

پاڪستان ۾ تربيلا ڊئم موجوده دؤر ۾ هڪ عظيم شاهڪار آهي. هي بند "سنڌو طاس" معاهدي جو بنيادي ۽ مکيہ حصو آهي راولپنڊي کان (**51**) ڪلو ميٽر اتر طرف سنڌو نديءَ تي هي تعمير ڪيو ويو آهي. هن جي تعمير 1960ع کان شروع ٿي ۽ 1974ع ۾ هي بند جُڙي راس ٿيو. بند جي اوچائي 136 ڪلوميٽر ۽ ويڪر 273 ڪلوميٽر آهي. ڊئم جي ايراضي 80 ڪلوميٽر آهي. هن ڊئم جي تعمير تي اٽڪل اٺ ارب روپيا خرچ ٿيا آهن. هن ڊئم سان ملڪ ۾ پاڻيءَ جي کوٽ جو مسئلو حل ڪرڻ ۾ ڪافي مدد ملي ٿي ۽ ان مان پيدا ٿيندڙ بجليءَ جي ڪري پاڪستان جي صنعت وڏي ترقي ڪئي آهي.

## مشق

### ١ هيٺين سوالن جا جواب لکو.

1. ڊئم ڇو تعمير ڪيا وڃن ٿا؟

ج. دريائن جو پاڻي ذخيرو ڪرڻ لاءِ ڊئم تعمير ڪيا وڃن ٿا.

2. آبپاشيءَ کانسواءِ ٻئي ڪهڙي مقصد ۾ ڊئم جو پاڻي ڪم آندو وڃي ٿو؟

ج. آبپاشيءَ کان سواءِ اونهاري ۾ گڏ ڪيل پاڻي سياري ۾ پاڻيءَ جي کوٽ دؤران ڪم آندو وڃي ٿو.

3. تربيلا ڊئم ڪٿي تعمير ڪيو ويو آهي؟

ج. تربيلا ڊئم سنڌو نديءَ تي روالپنڊيءَ کان اَڏ ڪلوميٽر اُتر طرف

تعمير ڪيو ويو آهي.

4 هي ڊئم ناهڻ لاءِ ڪنهن مالي سهڪار ڪيو؟

ج هي ڊئم ناهڻ لاءِ ورلڊ بئنڪ مالي سهڪار ڪيو.

5 هن ڊئم کي بنيادي حيثيت ڇو حاصل آهي؟

ج هن ڊئم تي پاڪستان جي اندازي موجب تعمير ۾ اٺ ارب رپيا خرچ ڪيا ويا آهن. تربيلا ڊئم پاڪستان جي آبپاشي نظام ۾ اهم حيثيت رکي ٿو.

6 پاڪستان ۾ تربيلا کانسواءِ ٻيا ڪهڙا ڊئم آهن؟

ج پاڪستان ۾ تربيلا کان سواءِ جهلم درياءَ تي منگلا ڊئم، راول ڊئم ۽ پشاور کان اُتر- اولهه ۾ وارسڪ ڊئم آهن.

## ب هيٺيان خال ڀريو.

1 تربيلا ڊئم 1960ع کان 1974ع تائين جڙي راس ٿيو.

2 هن ڊئم ۾ پنج سرنگون آهن.

3 هن ڊئم تي اٺ ارب روپيہ خرچ آيو.

4 دنيا ۾ هن منصوبي کي عظيم ڪارنامو سڏيو وڃي ٿو.

## ج لفظن جي معنيٰ لکي، جملن ۾ ڪم آڻيو.

| لفظ | معنيٰ |
|---|---|
| ذخيرو | جمع ڪرڻ |
| جملو | تربيلا ڊئم ۾ پاڻي ذخيرو ڪيو ويندو آهي. |
| منصوبو | رٿ |
| جملو | تربيلا ڊئم ناهڻ جو منصوبو جوڙيو ويو. |
| گنجائش | جڳهه، ضرورت |
| جملو | پاڻي ذخيرو ڪرڻ لاءِ هن ڊئم ۾ تمام گهڻي گنجائش رکيل آهي. |

| | |
|---|---|
| ڊئم | پاڻي ذخيرو ڪرڻ جي جاءِ |
| جملو | هن ڊئم ۾ پنج سرنگون آهن. |
| تعمير | اڏاوت |
| جملو | هي بند سنڌو نديءَ تي راولپنڊيءَ کان اَڏ ڪلوميٽر اُتر طرف تعمير ڪيو ويو آهي. |

سبق 17

# صوفي شاهه عنايت رحہ جو ميلو



## ڏکين لفظن جي معنيٰ

| لفظ | معنيٰ |
|---|---|
| پاڙيچي | برادري |
| پيروڪار | پوئلڳ |
| واهڻ | ڳوٺ |
| وسنديون | آباديون |

| | | | |
|---|---|---|---|
| وسيلو | ذريعو | تفريح | مزو |
| زرعي | پوک لائق | نمائش | ڏيکاءُ |
| واقع | موجود | بسر ڪرڻ | گذارڻ |
| ساڻس | انهن سان | ڪشالا | ويڪرا |
| هلچل | چُرِ پُرِ | ڏل | ٽيڪس |
| نابري وارڻ | انڪار ڪرڻ | پيٽا | نذرانو |

## خلاصو

سنڌ صوفين ۽ بزرگن جي سرزمين رهي آهي. سنڌ ۾ ڪو به اهڙو واهڻ يا وسندي نہ آهي، جتي اهڙن صوفين يا بزرگن جي مزار نہ هجي. انهن مزارن تي هر سال ميلا لڳندا آهن. انهن ميلن ۾ زرعي نمائش، ادبي ڪانفرنس ۽ مشاعرا بہ ٿيندا آهن ۽ ان ڪان علاوه هنرن جا اسٽال، سرڪس، جهولا، منائين، رانديڪن ۽ مختلف ڪاڏي پيتي جا دڪان سجايا ويندا آهن.

سنڌ ۾ اهڙن لڳندڙ ميلن ۾ ”صوفي شاهه عنايت شهيد“ جو ميلو اهم حيثيت رکي ٿو. شاهه عنايت جي والد جو نالو مخدوم فضل الله هو، جنهن جا وڏا اصل بغداد جا هئا، جتان لڏي اچي ”اچ شريف“ ۾ رهيا ان کان پوءِ ميران پور ۾ اچي رهيا.

صوفي شاهه عنايت ميران پور ۾ 1066 ھ مطابق 1654_55ع ۾ پيدا ٿيو. شروعاتي تعليم حاصل ڪرڻ کان پوءِ درويشي اختيار ڪيائين. ان کان پوءِ مختلف بزرگن کان فيض حاصل ڪندي حيدرآباد دکن جي شاهه عبدالملڪ برهانپوري، ڪيس وڏين رياضتن کان پوءِ هڪ ڳاڙهو خرقو ترار ۽ ٽوپي ڏئي صوفيءَ جي لقب سان نوازيو. شاهه صاحب جي نصيحت مطابق ٺٽي ۾ ڪجهه عرصو رهڻ کان پوءِ ميران پور ۾ رهيو. ميران پور ۾ رهڻ ڪري سندس وڏي تعداد ۾ عقيدتمند اچڻ لڳا ۽ روحاني فيض حاصل ڪرڻ لڳا.

سن 1128ھ مطابق 1715ع ۾ نواب اعظم خان گورنر آف ٺٽو، ڍل ڏيڻ کان انڪار تي ميران پور جو ڇهه مهينا گهيرو ڪيو ۽ شاهه عنايت کي 17 صفر 1130ھ مطابق 1718ع ۾ شهيد ڪيو ويو. سندس آخري آرامگاهه جهوڪ شريف ۾ آهي، جتي هر سال 17 صفر تي ميلو لڳندو آهي.

## مشق

### ا هيٺين سوالن جا جواب لکو.

1. صوفين ۽ بزرگن ڇا جو درس ڏنو آهي؟

ج. صوفين ۽ بزرگن پيار، اَمن ۽ ڀائپيءَ جو درس ڏنو آهي.

2. ميلن ۾ ڪهڙا ڪهڙا تفريحي پروگرام هوندا آهن؟

ج. ميلن ۾ زرعي نمائش، اَدبي ڪانفرنس ۽ مشاعري جا تفريحي پروگرام هوندا آهن.

3. صوفي شاھ عنايت شهيد ڪنھن جي حقن لاءِ هلچل هلائي؟

ج. صوفي شاھ عنايت شهيد هارين جي حقن لاءِ هلچل هلائي.

4. صوفي شاھ عنايت شهيد رحہ ڪھڙو نعرو لڳايو؟

ج. صوفي شاھ عنايت شهيد رحہ ”جو ڪيڙي سو کائي“ جو نعرو لڳايو.

5. صوفي شاھ عنايت شهيد رحہ جو ميلو ڪڏھن ۽ ڪٿي لڳندو آھي؟

ج. صوفي شاھ عنايت شهيد رحہ جو ميلو جھوڪ شريف ۾ 17 صفر تي لڳندو آھي.

## ب. هيٺيان خال ڀريو.

1. ھن بزرگ جا وڏا ___بغداد___ جا ھئا.
2. شاھ عنايت شهيد جي مزار ___جھوڪ شريف___ ۾ آھي.
3. ھن ___دل___ ڏيڻ ڪان نابري واري.
4. ___ٺٽي___ جو گورنر نواب اعظم خان ھو.
5. ھن ___”جوڪيڙي سو کائي“___ جو نعرو لڳايائين.

## ج. لفظن جي معنيٰ لکوءِ جملن ۾ ڪم آڻيو.

| لفظ | معنيٰ |
|---|---|
| تفريح | سير |
| جملو | دڪاندار بازارن ۾ ماڻھن جي تفريح جو بندوبست ڪندا آھن. |
| ھاڪَ | تعريف |
| جملو | شاھ عنايت رحہ جي تمام گھڻي ھاڪ ٻڌي ھئي. |
| عقيدتمند | پوئلڳ |
| جملو | ميرانپور ۾ رھڻ دوران عقيدتمند ڪشالا ڪري اچڻ لڳا. |

| هلچل | چُرپر |
|---|---|
| جملو | شاهه عنايت رحه هارين جي حقن لاءِ هلچل هلايائين. |

| فيض | فائدو |
|---|---|
| جملو | شاهه عنايت رحه شاهه شمس کان فيض حاصل ڪيائين. |

## د هيٺين لفظن جا ضد لکو.

| لفظ | ضد |
|---|---|
| امن | جنگ |
| اقرار | انڪار |
| اوير | اولهه |

| لفظ | ضد |
|---|---|
| عام | خاص |
| پري | اوري |

# اچو تہ پنهنجو ڳوٺ سڌاريون

## ڏکين لفظن جي معنيٰ

| لفظ | معنيٰ | لفظ | معنيٰ |
|---|---|---|---|
| سنواريون | سينگاريون | اجاريون | روشن ڪيون |
| نهاريون | ڏسون | وٺڪار | وڻ ٻوٽا |
| ٻهاريون | خوشيون | ڊپ | خوف |
| ٻهاريون | صاف ڪيون | پال پلائي | رحم ڪري |
| پليون | سنڀيون | پٽاريون | تلهيون متاريون |

## شعرن جي تشريح

**بيت:**

ٻنيون ٻارا باغ سنواريون،
پنهنجا گهر ۽ گهاٽ اجاريون
روشن مستقبل ڏي نهاريون،
اچو تہ پنهنجو ڳوٺ سڌاريون.

**سمجهاڻي:** هن بيت ۾ شاعر چوي ٿو تہ پنهنجي ٻنين، ٻارن ۽ باغن کي سڌاريون ۽ پنهنجي گهر گهاٽ کي صاف ڪريون، روشن مستقبل ڏانهن نهاريون. اچو تہ اهڙي طرح پنهنجي ڳوٺ کي ترقي وٺايون.

بيت: رستن تي ڇٽڪار ڪنداسون،
پاسن کان وٽڪار ڪنداسون
لڳي وڃن چؤ طرف بهارن،
اچو ته پنهنجو ڳوٺ سڌاريون

سمجهاڻي: هن بيت ۾ شاعر چوي ٿو ته اسين رستن تي پاڻيءَ جو ڇٽڪار ڪنداسين ۽ رستي جي پاسي کان وڻ پوکينداسين، جنهن سان هر طرف ساوڪ ئي ساوڪ تي ويندي ۽ بهار پئي نظر ايندي اچو ته اهڙي طرح پنهنجي ڳوٺ کي ترقي وٺايون.

بيت: علم هنر هڪ دولت آهي،
جنهن کي چوريءَ جو ڊپ ناهي
ننڍن وڏن کي علم سيکاريون،
اچو ته پنهنجو ڳوٺ سڌاريون.

سمجهاڻي: هن بيت ۾ شاعر چوي ٿو ته علم ۽ هنر هڪ تمام وڏي دولت آهن، جيڪي ڪڏهن به چوري نه ٿا ٿي سگهن . ان ڪري اسان کي گهرجي ته ٻارن توڙي وڏن کي علم سيکاريون. اچو ته اهڙي طرح پنهنجي ڳوٺ کي ترقي وٺايون.

بيت: گند ڪچري ۾ آ بيماري،
آهي صفائي حڪمت واري
ڳوٺن مان ڪچري کي ٻهاريون،
اچو ته پنهنجو ڳوٺ سڌاريون.

سمجهاڻي: هن بيت ۾ شاعر چوي ٿو ته گند ۽ ڪچري ۾ بيماري آهي، جڏهن ته صفائي ڪرڻ سياڻپ آهي. ان ڪري اسان کي گهرجي ته ڳوٺ مان ڪچري کي ٻهاري ڇڏيون. اچو ته اهڙي طرح پنهنجي ڳوٺ کي ترقي وٺايون.

**بيت:**

مولا ملڪ ۾ مال وڌائي،
پنهنجو سليم تي پال پلائي
پليون هجن شل پنهنجون پٽاريون،
اچو تہ پنهنجو ڳوٺ سڌاريون.

**سمجهاڻي:** هن بيت ۾ شاعر سليم هالائي چوي ٿو تہ الله تعاليٰ اسان جي ملڪ کي وڌائي ۽ سليم تي پنهنجي ٻاجهہ ڪري، شل! پنهنجي ملڪ جون پٽاريون پليون هجن اچو تہ گڏجي پنهنجي ملڪ کي ترقي وٺايون.

## مشق

### ا هيٺين سوالن جا جواب لکو.

1 ڳوٺ سنوارڻ لاءِ شاعر ڪهڙي صلاح ڏئي ٿو؟

ج ڳوٺ سنوارڻ لاءِ شاعر صفائيءَ جي صلاح ڏئي ٿو.

2 گند ڪچرو ڇو نقصانڪار آهي؟

ج گند ڪچرو ان ڪري نقصانڪار آهي ، جو گند ڪچري ڪرڻ سان بيماريون پکڙجن ٿيون.

3 صفائي حڪمت واري ڇو آهي؟

ج صفائي حڪمت واري ان ڪري آهي ڇو تہ صفائي اَڌ ايمان آهي.

### ج لفظن جي معنيٰ لکوءِ جملن ۾ ڪم آڻيو.

| لفظ | معنيٰ |
|---|---|
| سنواريون | سڌاريون |

**جملو** اَسان سيني کي گهرجي تہ پنهنجي عمل کي سنواريون.

| | |
|---|---|
| وٽڪار | وڻ پوکڻ |
| جملو | ڳوٺن ۾ وٽڪار ڪرڻ تمام سنو لڳندو آهي. |
| حڪمت | دانائي |
| جملو | صفائي وڏي حڪمت واري آهي. |
| ٻاجهه | رحم |
| جملو | الله تعاليٰ سڀني تي ٻاجهه ڪري. |
| ٽاريون | ٽلهيون متاريون |
| جملو | ٽاريون ڏاڍيون پليون آهن. |

## ج هيٺيان خال ڀريو.

1. گند ڪچري ۾ آ بيماري
2. آهي صفائي حڪمت واري.
3. مولا ملڪ ۾ مال وڌائي.
4. پنهنجو سليم تي ٻاجهه ٻلائي.

## د هيٺين لفظن جا ضد لکو.

| لفظ | ضد | لفظ | ضد |
|---|---|---|---|
| مستقبل | ماضي | سڌاريون | بگاڙيون |
| بهار | سرءُ | وڌائي | ننڍائي |
| ڀَليون | گنديون | ننڍي | وڏي |

سبق 19



# لوهار

## ڏکين لفظن جي معنيٰ

| معنيٰ | لفظ | معنيٰ | لفظ |
|---|---|---|---|
| ڪاٺ جو ٽڪرو | وٿوهڙ | لوهه جو ڪم ڪندڙ | لوهار |
| برابر، صفا | سراسر | واڌارو | ترقي |
| تيز | تکو | موڙڻ | ورائڻ |
| ڳالهه ٻولهه | گفتگو | مددگار | ٻانهن ٻيلي |
| سامان، آلا | اوزار | روڪ | نقد |
| ڀاڳ وارو | خوشنصيب | اجورو، معاوضو | مزدوري |

## خلاصو

آئون لوهار آهيان. ملڪ جي پيداوار ۾ منهنجو وڏو حصو آهي. آئون لوهه جو استاد آهيان. اهو ٻين سان پلي مستيون ڪري پر آئون ڪيس ماري مڃائيندو آهيان. آئون هاريءَ جو ٻانهن ٻيلي آهيان. آئون مجلس جو مور آهيان. مون وٽ سدائين ڳوٺاڻن جون محفلون رهن ٿيون. جيسين آئون ڪين ڪم ڪري ڏيان، تيسين هو پاڻ ۾ رهاڻيون ڪندا آهن. مون کي مزدوري روڪڙي به ملندي آهي، ۽ فصل لهڻ تي ان جي صورت ۾ به ملندي آهي. هر ڪاريگر کي آئون ڪم اچان ٿو، ان ڪري مون کي ڏاڍي خوشي ٿيندي آهي، جيڪي ٻين جي ڪم اچن ٿا، اهي سچي خوشي ماڻين ٿا.

# مشق

## ا هيٺين سوالن جا جواب لکو.

1. لوهار ڪنهن کي سڏبو آهي؟
ج. لوهار، لوهه جي ڪم ڪرڻ واري کي سڏبو آهي.

2. لوهار، هارين لاءِ ڪهڙا اوزار تيار ڪندو آهي؟
ج. لوهار، هارين لاءِ چوني، ڪرپي ۽ ڪوڏر تيار ڪندو آهي.

3. لوهار، واڍي لاءِ ڪهڙا اوزار تيار ڪندو آهي؟
ج. لوهار، واڍي لاءِ واهولو، ڪارائي، رندو، رنبي، گرمٽ، سيراتي وغيره تيار ڪندو آهي.

4. لوهار جي اوزارن جا نالا ٻڌايو.
ج. وڍاڻ، ڏوٽي، سنداڻ، انبوري، چيٽي، سنبو، ڪهاڙي، ڪوڏر ۽ ڪاتي وغيره.

5. لوهار کي مزدوري ڪهڙي صورت ۾ ملندي آهي؟
ج. لوهار کي مزدوري نقد يا اَنَ جي صورت ۾ ملندي آهي.

6. هن سبق ۾ آيل ڪاريگرن جا نالا ٻڌايو.
ج. لوهار، هاري، واڍو ۽ موچي.

7. لوهار ٻين جي خدمت ڪري ڇا محسوس ڪندو آهي؟
ج. لوهار ٻين جي خدمت ڪري گهڻي خوشي محسوس ڪندو آهي.

## ب هيٺيان خال ڀريو.

1. آئون لوهه جو ڪم ڪندو آهيان.تنهنڪري مون کي ___لوهار___ سڏين ٿا.
2. منهنجو جسم ۽ رنگ بہ ___لوهه___ جهڙو ٿي ويو آهي.
3. هاري مون کي پنهنجو ___ٻانهن ٻيلي___ سمجهن ٿا.
4. مون کي ٻين جي خدمت ڪرڻ سان گهڻي ___خوشي___ حاصل ٿيندي آهي.

## ج لفظن جي معنيٰ لکوءِ جملن ۾ ڪم آڻيو.

| لفظ | معنيٰ |
|---|---|
| پورهيت | مزدور |
| جملو | پورهيت خدا جو دوست آهي. |
| نقد | روڪ رقم |
| جملو | لوهار کي مزدوري نقد جي صورت ۾ به ملندي آهي. |
| ٻانهن ٻيلي | ساٿي |
| جملو | هاري، لوهار کي ٻانهن ٻيلي سمجهندا آهن. |
| گفتگو | ڪچهري |
| جملو | هميشه چڱي گفتگو ڪرڻ گهرجي. |

## د هيٺين لفظن جا ضد لکو.

| لفظ | ضد | لفظ | ضد |
|---|---|---|---|
| سخت | نرم | تپائڻ | ٺارڻ |
| پريان | اوريان | ڏک | سک |
| ڪوڙ | سچ | پراڻ | نَوَن |

# صحبت جو اثر

## ڏکين لفظن جي معنيٰ

| لفظ | معنيٰ | لفظ | معنيٰ |
|---|---|---|---|
| من | دل | ڌڪار | نفرت |
| قرار | سڪون | صحبت | سنگت |
| جيون | زندگي | بد | خراب |

## شعرن جي تشريح

**بيت:**

چڱن سان تون هر دم حياتي گذار
چڱن سان رهي پاڻ پنهنجو نکار

**سمجهاڻي:** هن بيت ۾ شاعر غلام محمد "غازي" ٻارن کي هدايت ڪندي چوي ٿو ته پنهنجو وقت سٺن ماڻهن سان گذار ۽ سٺن ماڻهن سان رهي پنهنجو پاڻ کي سٺو بڻاءِ.

**بيت:**

چڱي ڳالھ پنهنجي تون دل ۾ ويهار
ڪڏهن ڪين من مان تون تنهن کي ڌڪار

**سمجهاڻي:** هن بيت ۾ شاعر غلام محمد "غازي" ٻارن کي هدايت ڪندي چوي ٿو ته سٺي ڳالھ پنهنجي دل ۾ سنيار ۽ سٺي ڳالھ کي پنهنجي دل مان نه ڪڍ.

بيت:

چڱي ڳالھ جو ٿئي ٿو سڀ تي اثر
ڀلي ڳالھ ڏيندي آ دل کي قرار

سمجهاڻي: هن هن بيت ۾ شاعر غلام محمد ”غازي“ ٻارن کي هدايت ڪندي چوي ٿو ته سٺي ڳالھ جو هر ڪنهن تي اثر ٿيندو آهي ڇو ته سٺي ڳالھ دل کي سڪون ڏيندي آهي.

بيت:

رهي جيڪو صحبت چڱن جيءَ ۾
سدا تنهن جي جيون ۾ رهندو بهار

سمجهاڻي: هن بيت ۾ غلام محمد ”غازي“ ٻارن کي سمجهائيندي چوي ٿو ته جيڪو ماڻهو سٺن ماڻهن جي صحبت ۾ رهندو آهي، اهو سدائين خوش رهندو آهي.

بيت:

ادا ” غازي“ بد کان تون رهجان پري
نظر پي ڪٽي تون نه بد ڏي نهار

سمجهاڻي: هن بيت ۾ شاعر غلام محمد ”غازي“ چوي ٿو ته بري ماڻهوءَ کان پري رهو، بُري ماڻهوءَ ڏانهن ڏيان به نه ڏيڻ گهرجي.

## مشق

**١ هيٺين سوالن جا جواب لکو.**

1 اسان کي ڪنهن جي ڳالھ دل ۾ ويهارڻ گهرجي؟

ج اَسان کي چڱن جي ڳالھ دل ۾ ويهارڻ گهرجي.

2 سڀ تي ڪهڙيءَ ڳالھ جو اثر ٿئي ٿو؟

ج سڀ تي چڱيءَ ڳالھ جو اثر ٿئي ٿو.

3 ڪهڙن ماڻهن جي جيون ۾ بهار رهندو آهي؟

ج: چڱي صحبت ۾ رهڻ وارن ماڻهن جي جيون ۾ بهار رهندو آهي.

## ب هيٺيان خال ڀريو.

1 چڱن سان تون هر دم حياتي گذار.

2 چڱن سان رهي پاڻُ پنهنجو نکار.

3 ادا غازي بد کان تون رهجان پري.

4 نظر ڀي ڪٽي تون نہ بد ڏي نهار

## ج هيٺين لفظن جا ضد لکو.

| لفظ | ضد | لفظ | ضد |
|---|---|---|---|
| ويهار | ڏڪار | چڱي | بُري |
| قرار | بي قرار | بهار | خزان |
| بد | نيڪ | پري | اوري |

سبق 21

# اسٽيل مل



## ڏکين لفظن جي معنيٰ

| لفظ | معنيٰ | لفظ | معنيٰ |
|---|---|---|---|
| وسيلا | ذريعا | دولتمند | شاهوڪار / پئسي وارو |
| گهربل | ضرورت ۾ | ضرورتون | گهرجون |
| خانگي | نجي | واڌارو | اضافو |
| پرڏيهي ناڻو | غير ملڪي آمدني | دفاع | بچاءُ |

### خلاصو

دنيا ۾ اهي ملڪ سڌريل ۽ دولتمند سمجهيا ويندا آهن، جن صنعتي ميدان ۾ ترقي ڪئي آهي. پاڪستان جي آزاد ٿيڻ وقت هتي ڪارخانن جي کوٽ هئي. ڪمائيءَ جو ذريعو رڳو پوک هئي. جنهن مان ملڪي ضرورتون پوريون نہ پئي ٿي سگهيون، اهڙي حالت ۾ صنعتون لڳائڻ لاءِ هڪ ادارو قائم ڪيو ويو، جنهن روس جي مدد سان ڪراچيءَ ويجهو ”پپري“ وٽ هڪ رڪ

جو ڪارخانو قائم ڪيو، ان جو نالو ”پاڪستان اسٽيل مل“ رکيو ويو. هي ڪارخانو ڏهه هزار تي سؤ ايڪڙ ايراضيءَ تي پکڙيل آهي. هن مل ۾ اٽڪل 15 هزار ماهر ۽ 90 هزار مزدور ڏينهن رات ڪم ۾ رڌل آهن. هن ڪارخاني ۾ پنهنجي ضرورت واريون مشينون تيار ڪري ڪارخانا قائم ڪيا وڃن ٿا، جتي موٽر ڪارون، لاريون، ريل گاڏيءَ جون انجڻيون، ٽريڪٽر ۽ ٻيون مشينون تيار ٿي رهيون آهن. اهڙي طرح اهي شيون ٻاهر موڪلي اسان جو ملڪ غير ملڪي نالو به ڪمائي ٿو.

## مشق

### ا هيٺين سوالن جا جواب لکو.

1. ڪهڙن ماڻهن کي هنرمند چئبو آهي؟

ج. مختلف شيون تيار ڪندڙن کي هنرمند چئبو آهي.

2. ڪارخانن هلائڻ لاءِ ڇا گهربل هوندو آهي؟

ج. ڪارخانن هلائڻ لاءِ مشينون گهربل هونديون آهن.

3. معدنيات ڇا آهي؟

ج. لوهه، سون، چاندي، ٽامو، تيل، گئس ۽ ڪوئلو معدنيات آهن.

4. فولاد يا رُڪ جي ڪارخانن ۾ ڇا تيار ڪيو ويندو آهي؟

ج. فولاد يا رُڪ جي ڪارخانن ۾ ڪوڪ، پگ آئرن، لوهي چادرون ۽ تار ڪول وغيره تيار ڪيو ويندو آهي.

5. سنڌ ۾ ڪهڙيءَ جاءِ تي فولاد جو ڪارخانو آهي؟

ج. سنڌ ۾ ڪراچيءَ جي هنڌ تي فولاد جو ڪارخانو آهي.

### ب هيٺيان خال ڀريو.

1. هنر ۽ ڪاريگريءَ تي ملڪ جي ___سڌاري___ ۽ ___ترقيءَ___

جو بنياد آهي.

2. پاڪستان ۾ ڪراچي اسٽيل مل ___روس___ ملڪ جي مدد سان تيار ٿي.

3. ڪراچي اسٽيل مل ۾ ___پندرهن___ هزار ماهر ۽ ___نوي___ هزار مزدور ڪم ڪن ٿا.

4. پاڪستان ۾ آزاديءَ کان پوءِ ڪارخانن جي ___کوٽ___ هئي.

ج لفظن جي معنيٰ لکوءِ جملن ۾ ڪم آڻيو.

| لفظ | معنيٰ |
|---|---|
| صنعتي | هنري |

جملو: ڪارخاني ۾ تيار ڪيل شيون صنعتي شيون سڏجن ٿيون.

| لفظ | معنيٰ |
|---|---|
| دفاع | بچاءُ |

جملو: اَسان کي پنهنجي ملڪ جو دفاع ڪرڻ گهرجي.

| لفظ | معنيٰ |
|---|---|
| پرڏيهي | غير ملڪي |

جملو: هتي ناهيل شيون ٻين ملڪن کي وڪرو ڪري پرڏيهي ناڻو ڪمائجي ٿو.

| لفظ | معنيٰ |
|---|---|
| معدني | قدرتي |

جملو: پاڪستان ۾ ڪيترائي معدني وسيلا آهن.

| لفظ | معنيٰ |
|---|---|
| ڪچو مال | اڻ تيار ٿيل |

جملو: ڪارخانن ۾ ملڪ اَندر جيترو ڪچو مال پيدا ٿيندو آهي، اوترو ملڪ جي ترقي ٿيندي آهي.

## د اسٽيل مل تي مختصر نوٽ لکو.

هنر ۽ ڪاريگريءَ تي ملڪن جي سُڌاري ۽ ترقيءَ جو دارومدار هوندو آهي. ڪارخانن ۾ هنرمند ماڻهو مختلف شيون تيار ڪن ٿا، جيڪي پنهنجي ملڪ ۾ به ڪم اَچن ٿيون ۽ ٻاهرين ملڪن ۾ به موڪلجن ٿيون. روس جي مدد سان ڪراچيءَ جي ويجهوپپريءَ وٽ رُڪ جو ڪارخانو قائم ٿيل آهي، جنهن جو نالو پاڪستان اسٽيل مل آهي. اسٽيل مل ۾ ڪچو مال ڪم آڻڻ لاءِ يعني لوهه، ڪوئلو ٻين ملڪن مان گهرايو وڃي ٿو. هن اسٽيل مل جي ٺهڻ سان ڪيترين ئي ملڪي ضرورتون پوريون ٿين ٿيون. هن ڪارخاني جي ايراضي ڏهه هزار، ٿي سؤ ايڪڙن تي پکڙيل آهي.

# پنھوارن جي پريت

## ڏکين لفظن جي معنيٰ

| لفظ | معنيٰ | لفظ | معنيٰ |
|---|---|---|---|
| مارون | سانگيئڙا | ديس | ملڪ |
| وفا | سچائي | ڳل | ڳچي |
| ڏيھ | ملڪ | چڙن | ڪائڻ |
| الفت | پيار | سپورنج | ھنرمند |
| چونگار | ھونگار | ڳيو | تورو حصو |
| | گنج | ڍڳ، ڪوڙ | |

## شعرن جي تشريح

بيت: مارون منھنجي ديس جا ڪن وفا جو واپار
حليت وارو ھار، پائن پنھنجي ڳل ۾

سمجھاڻي: ھن ھن بيت ۾ شاعر غلام محمد غازي چوي ٿو تہ منھنجي وطن جا رھواسي وفادار آھن ۽ تمام نرم طبيعت آھن.

بيت:

منھنجي اباڻي ڏيھ ۾ ٻڪريون ۽ ٻڪرار
چارن ڌڻ ڌنار، ڪليو ۽ خوش ٿيو وتن

سمجھاڻي: ھن بيت ۾ شاعر غلام محمد غازي چوي ٿو تہ منھنجي وطن جا سادا ۽ غريب ماڻھو پنھنجون ٻڪريون چاريندا آھن ۽ خوش وسندا آھن.

**بيت:**

منهنجي منڙي ملڪ تي چارڻ چورن چنگ
الفت وارو انگ آهي سيني ساهہ ۾

**سمجهاڻي:** هن بيت ۾ شاعر غلام محمد غازي چوي ٿو تہ منهنجي وطن جو هر هڪ رهواسي پيار ڪندڙ ۽ وفادار آهي.

**بيت:**

مٺي منهنجي ملڪ ۾ هارين جي هونگار
چڙن ۾ چونگار چؤڏاري آ چاهہ جي.

**سمجهاڻي:** هن بيت ۾ شاعر غلام محمد غازي چوي ٿو تہ منهنجي پياري وطن ۾ هاري پنهنجي محنت ۾ مصروف رهن ٿا ۽ چؤ طرف محنت ۽ پيار جو نظارو آهي.

**بيت:**

مارو منهنجي ملڪ جا سياڻا سپورنج
ڏيندن خدا گنج، ڳٽتي نہ هوندن ڳيي جي

**سمجهاڻي:** هن بيت ۾ شاعر غلام محمد غازي دعا ڏيندي چوي ٿو تہ منهنجي وطن جا رهواسي سياڻا ۽ ڏاها آهن. الله پاڪ انهن کي گنج ڏيندو ۽ اهي شل بکيا نہ هوندا.

## مشق

**١ هيٺين سوالن جا جواب لکو.**

1. هي نظم ڪهڙي موضوع تي لکيل آهي؟

هي نظم ”پنهوارن جي پريت“ جي موضوع تي لکيل آهي.

2. ٻڪريون چارڻ واري کي ڇا چئبو آهي؟

ٻڪريون چارڻ واري کي ٻڪرار چئبو آهي.

3. شاعر هن نظم ۾ ڪنهن جي لاءِ دعا گهري رهيو آهي؟

شاعر هن نظم ۾ پنهنجي ملڪ جي ماڻُن جي لاءِ دعا گهري رهيو آهي.

## ج لفظن جي معنيٰ لکيو ۽ جملن ۾ ڪم آڻيو.

| لفظ | معنيٰ |
|---|---|
| حليت | نرمي |
| جملو | |
| چنگ | چَنبو، ساز جو قسم |
| جملو | ٻڪرار، چنگ وڄائي رهيو آهي. |
| گنج | گهٽو |
| جملو | شاعر پنهنجي ماروئڙن لاءِ گنج گهرڻ جي دعا ڪري ٿو. |
| اباڻا | ماروئڙا |
| جملو | اسان پنهنجا اباڻا گهر ڏسي چڪا آهيون. |
| سپورنج | هنرمند |
| جملو | سپورنج ماڻهو ديس جي دولت هوندا آهن. |

## د هيٺيان بيت مڪمل ڪريو.

1. ماروُن منهنجي ___ديس___ جا ڪن وفا جو واپار
___حليت___ وارو هار، پائن پنهنجي ڳل ۾

2. منهنجي منڙي ملڪ تي ___چارڻ___ چورن چنگ
الفت وارو ___رنگ___ آهي سيني ساهه ۾

ر ڏنار، ءِ ۾ يڪرار هم آواز لفظ آهن اوهان اهڙا ٻيا لفظ لکو.

| | | |
|---|---|---|
| هونڱار | چونڱار | چنگ |
| رنگ | هٽڪار | هيڪار |
| لاهين | وهارين | ڊڪڻ، پائڻ |

سبق 23



# ڏک ۽ سکن جي سونهن

## ڏکين لفظن جي معنيٰ

| لفظ | معنيٰ | لفظ | معنيٰ |
|---|---|---|---|
| ويس وڳا | ڪپڙا لٽا | آزار | تڪليف |
| پھرڻ | ڍڪڻ پائڻ | پاروٿو | رڪيل |
| ويڳي | ڏاري | رنگ روپ | سونھن |
| ڪيڏلڳڻ | پيچو ڪرڻ | رٿ | منصوبو |
| ترار | تلوار | نينگري | ڇوڪري |

## خلاصو

ڪنھن ملڪ ۾ ھڪ غريب ماڻھو رھندو ھو، ڪيس ھڪ سٺي ۽ خوبصورت ڌيءَ ھئي. ان جي سڳي ماءُ فوت ٿي چڪي ھئي، پر ڪيس ويڳي ماءُ ھئي، جنھن کي بہ ھڪڙي ٿلھي ڌيءَ ھئي، جيڪا سڄو ڏينھن ڪم ڪار بدران رڳو تيل ڦليل ۾ لڳي پئي ھوندي ھئي ۽ گھر جي ذميواري ويچاري سدا ملوڪ ڇوڪري نباھيندي ھئي.

سندس ويڳي ماءُ ڏاڍو برو سلوڪ ڪندي ھئس. ھڪڙي ڏينھن ماءُ ڪيس پيءُ کي ماني ڏيڻ لاءِ چيو. پيءُ کي ماني ڏئي اچڻ کان پوءِ ڪانئس ماني گھريائينس تہ ڪيس ويڳي ماءُ مار

ڪڍيس، مار ڪائڻ ڪان پوءِ گهران نڪري ويچاري پنهنجي ماءُ جي قبر تي ويهي روئيندي رهي. روئيندي روئيندي ڪيس ننڊ اچي وئي ننڊ ۾ هن خواب ڏٺو ته سندس ماءُ پيار مان ڪيس پرچائي ٿي ۽ چوي ٿي ته ”نه روءُ، اتي ڏس پرسان ڍاڪونءَ ۾ ڪُتي ۽ گلاس ۾ پاڻي پيو آهي. اهو کاءُ“. ننڊ مان اٿي ڏسي ته واقعي ائين آهي، پوءِ ته هن بسم الله الرحمٰن الرحيم ڪري کاڌو ۽ پيتو. اهڙي طرح اهو سلسلو روز هلندو رهيو. جڏهن ويڄي ماءُ کي اها خبر پئي ته هن پيٽ جي سور جو مڪر ڪري مڙس کان سندس پهرين زال جي قبر ڊهرائي ڇڏي. سدا ملوڪ ڏيءَ کي ڏاڍو ڏک ٿيو.

هڪ ڏينهن ويڄي ماءُ ڪيس مڇيون ڌوئڻ لاءِ ڏنيون جڏهن درياءَ تي ڌوئڻ لاءِ وئي ته انهن ۾ هڪ سوني مڇيءَ ڪيس پاڻيءَ ۾ ڇڏڻ لاءِ چيو، جڏهن ڪيس پاڻيءَ ۾ اڇلائين ته اها هڪ سهڻي پري ٿي پئي ۽ ڪيس چيائين ته جڏهن ضرورت پوئي ته سڏ ڪجانءِ.

هڪڙي رات بادشاهي محل ۾ سڄو خاندان شريڪ ٿيڻ لاءِ ويو، پر هن ويچاريءَ کي نه وٺي ويا. سدا ملوڪ ڇوڪريءَ درياءَ تي اچي پريءَ کي سڏ ڪيو. پري حاضر ٿي ته ڪيس سمورو واقعو ٻڌايائينس. پريءَ ڪيس چيو ته اکيون بند ڪر. جڏهن اکيون کوليائين ته پاڻ کي ان شاديءَ ۾ شريڪ ڏٺائين. پر ويڄي ماءُ وغيره سان نه ملي، پر ڪيس ويڄي ڀيڻ ڏسي ورتو ۽ ماءُ کي ٻڌايائين. شاديءَ کان پوءِ تڪڙ ۾ نڪرڻ ڪري سوني جتيءَ جو هڪ پادر اتي ڪري پيس. بادشاهه جي پٽ جڏهن اهو پادر ڏٺو ته اعلان ڪيائين ته جنهن ڇوڪريءَ کي اهو پادر پورو ايندو، ان سان هُو شادي ڪندو. وڏي ڳولا ڪان پوءِ اهو پادر سدا ملوڪ ڇوڪريءَ کي پورو آيو ۽ شاديءَ جون تياريون شروع ٿي ويون

ويڳي ماءُ هڪ اٽڪل سوچي ۽ شهزادي کي پنهنجي ڌيءَ پرڻائي ڏني. شاديءَ جي رات شهزادي اهو سونو پادر ڪيس پارايو ته ڪيس پورو نه آيو، تنهن تي شهزادو تلوار ڪڍي بيٺو ۽ اصل ڳالهه پڇيائينس. ائين ان سدا ملوڪ نينگريءَ جي شادي پوءِ شهزادي سان ٿي وئي.

## مشق

### ا هيٺين سوالن جا جواب لکو.

1. سوني ڏاڪوڻ ۽ چانديءَ جي گلاس ۾ ڇا پيل هو؟

ج. سوني ڏاڪوڻ ۾ ڪُتي ۽ چانديءَ جي گلاس ۾ پاڻي پيل هو.

2. سوني مڇيءَ ڪهڙو روپ اختيار ڪيو؟

ج. سوني مڇيءَ پريءَ جو روپ اختيار ڪيو.

3. شهزادي ڪهڙو شرط رکيو؟

ج. شهزادي اهو شرط رکيو ته جنهن ڇوڪريءَ کي هي سينڊل پورو ايندو اُن سان شادي ڪندس.

4. ويڳي ماءُ ڪهڙي رٿ رٿي؟

ج. ويڳي ماءُ رٿ رٿي ته هوءَ شهزادي سان پنهنجي ويڳي ڌيءَ سان نه پر پنهنجي سڳيءَ ڌيءَ سان شادي ڪرائيندي.

### ب هيٺيان خال پريو .

1. ڳالهه ڪندا آهن ته ڪنهن بادشاهيءَ ۾ هڪ ___غريب___ ماڻهو رهندو هو.
2. هڪ ڏينهن ويڳي ___ماءُ___ پيٽ جي سور جو مڪر ڪيو ۽ ڪِري پئي.
3. ___روئيندي___ آخر ڪيس ننڊ وڃي وئي.
4. سدا ملوڪ ڌيءَ کي ڳهٽو ___ڏک___ ٿيو پر ڇا پئي ڪري سگهي.
5. ويڳي ماءُ هڪ ڏينهن ڪيس ___مڇيون___ ڏنيون ته درياهه تان ڌوئي اُچ.

### ج لفظن جي معنيٰ لکو ۽ جملن ۾ ڪم آڻيو.

| سڳي | اَصلي | سدا ملوڪ ڌيءَ کي سڳي ماءُ خواب ۾ آئي. |
|---|---|---|

| | | |
|---|---|---|
| اندر | ۾ | مچيءَ آواز ڏنو تہ مون کي پاڻيءَ اَندر اُجل. |
| رحمدل | رحم ڪندڙ | سدا ملوڪ ڏيءَ هڪ رحمدل ڇوڪري هُئي. |
| پاروٿو | رڪيل | سندس ڪائڻ لاءِ پاروٿو ڪاڏو هوندو هو. |

## ج صحيح جملي جي سامهون ”ص“ ۽ غلط جملي جي سامهون ”غ“ لکو.

1. سدا ملوڪ ڏيءَ کي ڪم ڪار ڪرڻ ڪانپوءِ بہ پراڻا ۽ ڦاٽل ڪپڙا هوندا هئا. **ص**
2. هن جيئن ئي اکيون کوليون تہ سندس پير ۾ ڪُتي چانديءَ جي ڏاڪوڻ ۾ پيل هئي. **غ**
3. ويڳي ماءُ کي سندس رنگ روپ ڏسي شڪ پيو. **ص**
4. ويڳي ماءُ هڪ ڏينهن ڪيس ٿانوَ ڏنا تہ درياءَ تان ڌوئي اچ. **غ**
5. اهو پادر سدا ملوڪ نينگريءَ جي پير ۾ پورو آيو. **ص**

## ب صحيح جواب چونڊيو.

1. ڳالهہ ڪندا آهن ڪنهن بادشاهيءَ ۾ هڪ ماڻهو رهندو هو.

   (i) شاهوڪار (ii) بيمار (iii) غريب ✓

2. غريب ماڻهوءَ جي سدا ملوڪ وڏي ڌيءَ آزار ۾ هئي.

   (i) عيش (ii) آزار✓ (iii) محل

3. روئيندي آخر ڪيس ننڊ وٺي ويئي.

   (i) روئيندي ✓ (ii) ويهندي (iii) ڳالهائيندي

4. ويڳي ماءُ هڪ ڏينهن ڪيس مڇيون ڏنيون تہ درياءَ تان ڌوئي اچ.

   (i) درياءَ ✓ (ii) سمنڊ (iii) واهہ

5. جڏهن سندس اکيون کُليون تہ پاڻ کي محلات ۾ ويٺل ڏٺائين.

   (i) گهر (ii) محلات ✓ (iii) دُڪان

سبق 24



# سچا سپنا

## ڏکين لفظن جي معنيٰ

| لفظ | معنيٰ | لفظ | معنيٰ |
|---|---|---|---|
| سجاڳ | واقفيت | رهواسي | رهندڙ |
| پڄاڻي | انتها | سپنو | خواب |
| ڀاڳ | نصيب | ڪيڙڻ | هر ڏيڻ |
| وير | دشمني | منگهه | چت ۾ سوراخ |

## خلاصو

گهڻو وقت اڳ ڪنهن ڳوٺ ۾ ٻه پوڙها رهندا هئا. هڪڙو پوڙهو ايماندار ۽ ٻيو پوڙهو بي ايمان هو. ٻئي پوڙها پاڙيسري هئا. هڪڙي ڏينهن ايماندار پوڙهي ٻئي کي چيو ته يار! سال پورو ٿي رهيو آهي، نئين سال ۾ ڪو اهڙو خواب ڏسون جو اهو خواب سچو ٿئي، ٻئي ان ڳالهه تي راضي ٿيا ته خواب هڪ ٻئي کي ٻڌائيندا سين.

هڪ ڏينهن ايماندار پوڙهي ٻئي پوڙهي کي ٻڌايو ته ”مون خواب ڏٺو آهي ته منهنجو ڀاڳ آسمان مان لهي هيٺ آيو آهي“. تنهن تي ٻئي پوڙهي چيس ته ”مون خواب ڏٺو آهي ته منهنجو ڀاڳ زمين مان نڪري منهنجي گهر آيو آهي“.

ڪجهه ڏينهن کان پوءِ ايماندار پوڙهو زمين ۾ هر هلائي

رهيو هو تہ هر جي چوني زمين ۾ پوريل ديڳڙي سان وجي لڳي، هن ديڳڙي جو ڍڪڻ کولي ڏٺو تہ ان ۾ هيرا جواهر پئي چمڪيا. هن ايمانداريءَ جو مظاهرو ڪندي ٻئي پوڙهي کي چيو تہ تون خواب ڏٺو هو تہ ڀاڳ زمين مان نڪري گهر آيو آهي، سو منهنجي ٻنيءَ ۾ هيرن جواهرن جو ديڳڙو پوريل آهي، اهو وڃي ڪڍ.

بي ايمان پوڙهو، ايماندار پوڙهي جي بيوقوفيءَ تي ڪلندو اچي ديڳڙي جو ڍڪڻ لاٿائين تہ ڪيس ديڳڙي ۾ نانگ بلائون نظر آيس. هن هڪدم ڍڪڻ رکي ڇڏيو ۽ سوچيائين تہ اهو پوڙهو مون کي مارڻ ٿو گهري، سو ديڳڙو کڻي ايماندار پوڙهي جي گهر پهتو. در ڪڙڪائڻ بجاءِ ڪڌ تي چڙهي اهو ديڳڙو اونڌو ڪيائين تہ جيئن ايماندار پوڙهي ۽ سندس زال کي نانگ بلائون ڏنگ هڻن. پر خدا جي قدرت ڏسو تہ انهن نانگن بلائن بدران ايماندار پوڙهي جي گهر هيرن جواهرن جو مينهن پيو. سڄي ڪمري ۾ هيرا جواهر پکڙجي ويا. ايماندار پوڙهي زال کي چيو تہ ”منهنجو خواب بہ سچو ٿيو جو منهنجو ڀاڳ آسمان مان هيٺ لهي آيو آهي“. پوءِ هنن پنهنجي باقي زندگي سک سان گذاري.

اهڙي طرح خواب تہ ٻنهي جا سچا ٿيا، پر هڪڙي کي بي ايماني ۽ ٻئي کي ايمانداريءَ جو ڦل مليو.

## مشق

**١ هيٺين سوالن جا جواب لکو.**

1. ايماندار پوڙهي خواب ۾ ڇا ڏٺو؟

ج: ايماندار پوڙهي خواب ۾ ڏٺو تہ هن جو ڀاڳ آسمان مان لهي هيٺ آيو آهي.

2. بي ايمان پوڙهي ڪهڙو خواب ڏٺو؟

ج بي ايمان پوڙهي خواب ڏٺو ته هُن جو ڀاڳ زمين مان نڪري گهر آيو آهي.

3 ايماندار پوڙهي کي ڪهڙو ڦل مليو؟

ج ايماندار پوڙهي کي هيرن جواهرن سان ڀريل ديڳڙي جو ڦل مليو.

4 بي ايمان پوڙهي کي ديڳڙي ۾ ڇا نظر آيو؟

ج بي ايمان پوڙهي کي ديڳڙي ۾ نانگ نظر آيا.

## ب هيٺيان خال ڀريو.

1 هڪ ___ڳوٺ___ ۾ ٻه پوڙها رهندا هئا.

2 ٻنهي جي پاڙ ۾ ___چڱي___ سڃاڻپ هئي ڇو ته ٻئي هڪ پاڙي جا رهواسي هئا.

3 ___نئين___ سال جي ڪجهه ڏينهن کانپوءِ سندن ملاقات ٿي.

4 ايماندار پوڙهي ٻڌايس ته مون خواب ۾ ڏٺو آهي ته منهنجو ڀاڳ ___آسمان___ مان لهي هيٺ آيو آهي.

5 منهنجي ٻنيءَ ۾ هيرن جواهرن جو ___ديڳڙو___ پوريل آهي.

## ج لفظن جي معنيٰ لکيو۽ جملن ۾ ڪم آڻيو.

| لفظ | معنيٰ |
|---|---|
| سپنا | خواب |
| جملو | ايماندار ۽ بي ايمان هڪٻئي کي سپنا ٻڌائڻ لاءِ راضي ٿيا. |
| وير | دشمني |
| جملو | دشمن جڏهن وير وجهندو آهي ته الله جو ٻه خوف نه ڪندو آهي. |
| سڃاڻپ | واقفيت |
| جملو | ايماندار ۽ بي ايمان جي پاڻ ۾ چڱي سڃاڻپ هئي. |

| پڪ | يقين |
| --- | --- |
| جملو | ايماندار کي پڪ ٿي تہ هي بي ايمان ماڻهوءَ جو خواب سچو ٿيو. |
| ڪيڙڻ | هَر ڏيڻ |
| جملو | هاري ٻني ڪيڙڻ کان پوءِ ٻج پوکيندو آهي. |

## د هيٺين لفظن جا ضد لکو.

| لفظ | ضد | لفظ | ضد |
| --- | --- | --- | --- |
| جوان | پوڙهو | زمين | آسمان |
| اونڌو | سڌو | کِلڻ | روئڻ |
| زال | مڙس | ايماندار | بي ايمان |

سبق 25

# پيارا وطن (نظم)

## ڏکين لفظن جي معنيٰ

| لفظ | معنيٰ | لفظ | معنيٰ |
|---|---|---|---|
| سندا | نجي / پنهنجا | هاڪارا | ها ڪرڻ |
| جڙون | پاڙون | اڙيو | جڙيو |
| سندم | انهن جو | سرس | وڌيڪ |
| سونهارا | سهڻا | گهوري | قربان ڪري |
| مٽ | بدل | موچارا | خوبصورت |
| سڪيو ستابو | خوشحال | واءُ | هَوا |
| مشڪ | ڪتوري | هڳاءُ | سُرهاڻ |
| موج | لَهر | امرت | حياتي بخشيندڙ |
| سوين | سؤ پيرا | | |

## شعرن جي تشريح

بيت: منهنجا وطن پيارا وطن اڪڙين سندا تارا وطن
اي دوست دل وارا وطن هر جاءِ هاڪارا وطن

سمجهاڻي: هن بيت ۾ شاعر ”سليم“ چوي ٿو ته اي منهنجا پيارا وطن، تون اڪڙين جو تارو آهين، تو دل وارو دوست آهين ۽ هر هنڌ تنهنجي تعريف ٿئي ٿي.

بيت: تون جياپو جان جو تون ئي سندم جيءَ جون جڙون
توسان اڙيو من آ سندم اي سرس سونهارا وطن

سمجهاڻي: هن بيت ۾ شاعر ”سليم“ چوي ٿو ته اي پيارا وطن تون اسان جي جيئڻ جو سبب آهين، چو ته تو ۾ اسان جون پاڙون

آهن ۽ تون ٻين ملڪن کان وڌيڪ خوبصورت آهين.

بيت: منهنجا وطن تنهنجي مٿان سِرُ ساهه سڀ گهوري ڇڏيان
تنهنجو نہ مٽ ڪو ديس ٻيو محبوب موچارا وطن

سمجهاڻي: هن بيت ۾ شاعر ”سليم“ چوي ٿو تہ اي منهنجا پيارا وطن مان تنهنجي مٿان سڀ ڪجهہ قربان ڪري ڇڏيان، ڇو جو تنهنجي مَٽُ ڪوئي ملڪ نہ آهي، تون ڏاڍو پيارو ملڪ آهين.

بيت: سکيو ستابو شل رهين ڪوسو لڳي توکي نہ واءُ
ماکي ۽ مصري کان مٺا اي جان کان پيارا وطن

سمجهاڻي: هن ۾ شاعر ”سليم“ چوي ٿو تہ اي پيارا وطن شل! تون سدائين سکيو رهين توکي ڪوسو واءُ نہ لڳي. تون ماکي ۽ مصريءَ کان بہ وڌيڪ مٺو ۽ جان کان وڌيڪ پيارو آهين.

بيت: تنهنجي مٽيءَ ۾ مشڪ ۽ تنهنجي هوائن ۾ هٻڪاءُ
مهراڻ جي هر موج ڄڻ امرت سندي ڌارا وطن

سمجهاڻي: هن بيت ۾ شاعر ”سليم“ چوي ٿو تہ اي وطن! تنهنجي مٽيءَ ۾ مشڪ ۽ تنهنجي هوائن ۾ خوشبوءِ آهي. مهراڻ جي هر موج ڄڻ وطن جي امرت ڌارا آهي.

بيت: منهنجا وطن شل شهر ۽ سڀ ڳوٺڙا تنهنجا وسن
رحمت سندا توتي ڪڪر ڪن خوب وسڪارا وطن

سمجهاڻي: هن بيت ۾ شاعر ”سليم“ چوي ٿو تہ اي منهنجا وطن! شل تنهنجا شهر ۽ ڳوٺ آباد رهن، توتي رحمت جا ڪڪر خوب وسڪارا ڪن.

بيت: منهنجي محبت جا ”سليم“ آهن سوين توتي سلام
مننار موچارا وطن او سونهن سڪ وارا وطن

سمجهاڻي: هن بيت ۾ شاعر ”سليم“ چوي ٿو تہ اي وطن! تون

مننار، موچارو، سونهن ۾ سڪ وارو آهين، منهنجي محبت جا توتي سوين سلام هجن.

## مشق

### ا هيٺين سوالن جا جواب لکو.

1 شاعر ڪنهن جي مٿان سڀ ڪجھ گھورڻ لاءِ چوي ٿو؟
ج شاعر وطن جي مٿان سڀ ڪجھ گھورڻ لاءِ چوي ٿو.

2 مهراڻ جي هر موج ڪنهن وانگر آهي؟
ج مهراڻ جي هر موج امرت وانگر آهي.

3 شاعر وطن کي ڪهڙي دعا ڏئي ٿو؟
ج شاعر وطن کي هميشه سلامت رهڻ جي دعا ڏئي ٿو.

### ج لفظن جي معنيٰ لکوءِ جملن ۾ ڪم آڻيو.

| لفظ | معني |
| --- | --- |
| امرت | حياتي بخيشندڙ |
| جملو | مهراڻ جي هر موج امرت جيان آهي. |
| مشڪ | ڪتوري |
| جملو | گلن ۾ تمام پياري ۽ وڻندڙ مشڪ هوندي آهي. |
| هٻاءُ | خوشبوءِ |
| جملو | هوائن ۾ هٻاءُ لڳو پيو آهي. |
| موج | لهر |
| جملو | مهراڻ جي هر موج ڏسڻ وٽان آهي. |
| سونهارا | سهڻا |
| جملو | اَسان جي وطن جا سڀ گل سونهارا آهن. |

سبق 26

# پنڀور



## ڏکين لفظن جي معنيٰ

| لفظ | معنيٰ | لفظ | معنيٰ |
|---|---|---|---|
| قصو | کهاڻي | رهواسڻ | رهندڙ |
| وسندڙ | آباد | پڙو | وڏو دڙو |
| وسندي | وستي | ڍير | ڍڳ |
| قديم | پراڻو | آثار | نشان |
| بندوبست | انتظام | وارياسي | واريءَ واري |
| لتل | لنبيل | پستي | وٽيون پرڻ |
| | حيرانگي | حيرت / عجب | |

## خلاصو

پنڀور جو دڙو ڪراچيءَ کان اوير طرف 64 ڪلوميٽر پنڌ تي آهي. ڪجهه سال اڳ هتي کاٻه وسندي کانه هئي. هن وقت اتي قديم آثارن جي کاتي طرفان عجائب گهر، مسافر خانو، هڪ ننڍي مسجد ۽ پارڪ قائم ڪيو ويو آهي. هتي پيئڻ جي پاڻيءَ جو بہ مناسب انتظام ڪيل آهي. ڪراچيءَ کي ويجهي هئڻ ڪري هتي ماڻهن جي چڱي اچ وڃ آهي. هي شهر ڪنهن ٻڌايو هو ۽ ڪڏهن آباد ٿيو؟ ان لاءِ کاٻه صحيح خبر نہ آهي. ماهرن اندازو لڳايو آهي تہ هي شهر ٻہ هزار سال اڳ آباد هو.

هن دڙي جا ٻه حصا آهن. انهن مان هڪ آهي وارياسي ٽڪري، جنهن جي چوڌاري ڪنهن زماني ۾ پٿر جو مضبوط ڪوٽ ڏنل هو. ٻيو آهي شهر جو ٻاهريون حصو جيڪو قلعي جي اوڀر ۽ اتر ۾ پکڙيل هو. ڏکڻ طرف ڪان عربي سمنڊ دڙي سان لڳو بينو آهي. ڪوٺائي صرف قلعي جي پٽ جي اتر ۽ اوير طرف ٿي آهي. قلعي جي اڏاوت پٿر سان ٿيل آهي ۽ ان ۾ وقت جي دستور موجب ٿوري ٿوري مفاصلي تي مورچا ٺهيل آهن. قلعي جي اندر هڪ مسجد ملي آهي. ان جي اڱڻ ۾ پڪين سرن جو فرش لڳل آهي. وضوءَ واري جاءِ پڪي چُن سان لتل آهي. قلعي جي اتر اوير ۾ هڪ ڍنڍ آهي، جيڪا هينئر لٽجي وئي آهي. ان هوندي به وير چڙهڻ وقت پاڻيءَ سان پرجي ويندي آهي.

شهر جي اتر طرف قلعي جي ٻاهران هڪ ڪارخاني جا نشان مليا آهن. ماهرن جو خيال آهي ته شهر وڏو هنري مرڪز هو.

## مشق

### ① هيٺين سوالن جا جواب لکو.

1. ڀنڀور جو پڙو ڪٿي آهي؟

ج. ڀنڀور جو پڙو ڪراچيءَ ڪان اوير طرف 64 ڪلوميٽرن جي مفاصلي تي آهي.

2. ڀنڀور شهر بابت ڪنهن جو قصو مشهور آهي؟

ج. ڀنڀور شهر بابت سسُئي پنهونءَ جو قصو مشهور آهي.

3. قلعي جي اڏاوت ڇا سان ٿيل آهي؟

ج. قلعي جي اَڏاوت پٿر سان ٿيل هئي.

4. ڀنيور جي قلعي جا ڪيترا دروازا ظاهر ٿيا آهن؟

ج. ڀنيور جي قلعي جا ٽي دروازا ظاهر ٿيا آهن.

5 پنيور جي پڙي مان اسلامي دؤر جي ڪهڙي جاءِ ملي آهي؟

ج پنيور جي پڙي مان اسلامي دؤر جي هڪ مسجد بہ ملي آهي.

## ب هيٺيان خال ڀريو.

1 توهان ___سسئي___ ۽ پنهونءَ جو قصو ضرور ٻڌو هوندو.

2 سسئي ___پنيور___ شهر جي رهواسڻ هئي.

3 پنيور جو پڙو ڪراچيءَ کان ___اوير___ طرف 64 ڪلوميٽرن جي مفاصلي تي آهي.

4 ___ڪجهہ___ سال پهريان پنيور جي پڙي تي ڪا بہ وسندي ڪا نہ هئي.

5 هن شهر جي حوالي سان صحيح ___معلومات___ ڪو نہ ملي سگهي آهي.

## ج هيٺين لفظن جا ضد لکو.

| لفظ | ضد | لفظ | ضد |
|---|---|---|---|
| خوبصورت | بدصورت | قديم | جديد |
| صحيح | غلط | اوير | اولهہ |
| ظاهر | لڪل | پهريان | آخري |

د هيٺين لفظن جا جمع لکو.

| واحد | جمع |
| --- | --- |
| قصو | قصا |
| مسجد | مسجدون |
| ٽڪري | ٽڪريون |
| زمانو | زمانا |
| ڀِڙو | ڀِڙا |

| واحد | جمع |
| --- | --- |
| طرف | طرفَ |
| سِڪو | سِڪا |
| فاصلو | فاصلا |
| حصو | حصا |

# قدم وڌائي اڳتي هل





## ڏکين لفظن جي معنيٰ

| لفظ | معنيٰ | | |
|---|---|---|---|
| مانجهي | پورهيو ڪرڻ وارو | | |
| سورهيه | بهادر | | |
| ٻل | طاقت | | |
| چڱو | سٺو | عمل | ڪم |
| وڃائڻ | گم ڪرڻ | ورندو | موٽندو |
| پل | لمحو | سُستي | ڪاهلي |
| | بي ملهه | قيمتي | |

## شعرن جي تشريح

بيت: هل هل ساٿي هلندو هل
وک وڌائي هلندو هل

سمجهاڻي: هن بيت ۾ شاعر غلام محمد ”غازي“ ٻارن کي هدايت ڪندي چوي ٿو ته محنت جي سفر ۾ اڳتي وڌندا هلو.

بيت:
محنت ڪر تون مانجهي ٻڍجي
محنت جو آ منڙو ڦل

**سمجهاڻي:** هن هن بيت ۾ شاعر غلام محمد ”غازي“ ٻارن کي هدايت ڪندي چوي ٿو ته محنت ڪندا رهو ڇو ته محنت جو صلو هميشه سٺو هوندو آهي.

**بيت:**

سوئي سورهيه ملهه ماريندو
جنهن جي ٻانهن ۾ آ ٻل

**سمجهاڻي:** هن بيت ۾ شاعر غلام محمد ”غازي“ ٻارن کي محنت جي هدايت ڪندي چوي ٿو ته جنهن کي محنت ڪرڻ جو شوق ۽ چاهه هوندو آهي اهو ئي ڪامياب ٿيندو آهي.

**بيت:**

جي چاهين ڪن ياد پيا توکي
تون ٻه چڱو ڪر ڪوئي عمل

**سمجهاڻي:** هن بيت ۾ شاعر غلام محمد ”غازي“ ٻارن کي هدايت ڪندي چوي ٿو ته جيڪڏهن اوهان چاهيو ٿا ته اوهان کي ڪو سٺن لفظن ۾ ياد ڪري ته اوهان کي ٻه سٺو ڪم ڪرڻ گهرجي.

**بيت:**

وقت وڃائڻ مان ڇا ورندو
سوچ ته قيمتي آ هر پَل

**سمجهاڻي:** هن بيت ۾ شاعر غلام محمد ”غازي“ ٻارن کي هدايت ڪندي چوي ٿو ته فضول وقت وڃائڻ خراب ڳالهه آهي. جيڪڏهن اوهان سوچيو ته هڪ هڪ لمحو تمام قيمتي آهي.

**بيت:**

سستيءَ سان جو ويھي رھندو
ڪجھ بہ نہ ٿيندس ھٿ حاصل

**سمجھاڻي:** ھن بيت ۾ شاعر غلام محمد ”غازي“ ٻارن کي ھدايت ڪندي چوي ٿو تہ جيڪو بہ سست ٿي ويھندو، ان کي ڪجھ بہ فائدو حاصل نہ ٿيندو.

**بيت:**

علم ڪرڻ حاصل آ بھتر
” غازي“ علم تہ آہ بي ملھ.

**سمجھاڻي:** ھن بيت ۾ شاعر غلام محمد ”غازي“ ٻارن کي علم جي اھميت ٻڌائيندي چوي ٿو تہ علم حاصل ڪرڻ تمام سٺي ڳالھ آھي ۽ علم جي ڪائي قيمت ناھي، علم تہ بي ملھ آھي.

## مشق

**ا** ھينين سوالن جا جواب لکو.

1. ڪھڙي ماڻھوءَ کي ياد رکيو ويندو آھي؟

ج: چڱن عملن واري ماڻھوءَ کي ياد رکيو ويندو آھي.

2. وقت وڃائڻ سان ڇا ملندو آھي؟

ج: وقت وڃائڻ سان ڪجھ بہ نہ ملندو آھي.

3. ڇا عِلم حاصل ڪرڻ بھتر آھي؟

ج: ھا، علم حاصل ڪرڻ بھتر آھي.

## ج لفظن جي معنيٰ لکوءِ جملن ۾ ڪم آڻيو.

| لفظ | معنيٰ |
| --- | --- |
| چڱو | سُٺو |
| جملو | سُٺن عملن وارو ماڻهو سيني کي چڱو لڳندو آهي. |
| قيمتي | مهانگو |
| جملو | وقت تمام قيمتي آهي. |
| سورهيه | بهادر، پهلوان |
| جملو | سِنڌ ۾ سوين سورهيه جوان پيدا ٿيا آهن. |
| سُستي | ڪاهلي |
| جملو | علم حاصل ڪرڻ ۾ سُستي نہ ڪرڻ گهرجي. |
| بي ملهه | جنهن جي ڪائي قيمت نہ هجي |
| جملو | علم بي مُلهه آهي. |

## ج هيٺين لفظن جا ضد لکو.

| لفظ | ضد | لفظ | ضد |
| --- | --- | --- | --- |
| قيمتي | سَستو | مِٺڙو | ڪَڙو |
| بهتر | بدتر | چڱو | خراب |
| وِک | دوزخ | | |

## د هيٺيان خال ڀريو.

1. وقت وڃائڻ مان ڇا ورندو
2. علم ڪرڻ حاصل آ بهتر
3. محنت ڪر تون مانجهي بڻجي
4. محنت جو آ منڙو قل